

سنتِ خلفاءِ راشدين اجتهاد ۽ تقليد، فقه جي تعريف،
صحابہ ڪرام ۽ اهلبيت عظام جي منقبت تي جامع خطاب
دين جي سمجهه
حنفي
مالڪي
شافعي
حنبلي
واعظ
خطاب لاجواب، حجة الاسلام والمسلمين، امام اهلسنت، قائدِ اهلسنت،
شهيد ابن شهيد، تصوير بخاري، مناظره اسلام حضرت مولانا حافظ
علامہ علي شير حيدري
شهيد نورالله مرقده
ناشر

محمد رسول الله ﷺ　　　يا الله مدد　　　صحابہ حزب الله رضي الله عنهم

سنتِ خلفاءِ راشدين اجتهاد ۽ تقليد ـــ فقه جي تعريف ـــ صحابہ ڪرامؓ ۽ اهلبيت عظامؓ
جي منقبت تي جامع خطاب

# دين جي سمجهه

خطاب لاجواب

حجة الاسلام والمسلمين، امام اهلسنت، قائدِ اهلسنت، شهيد ابن شهيد،
تصوير بخاريؒ، مناظره اسلام

حضرت مولانا حافظ

## علامہ علي شير حيدري شهيد نورالله مرقدهٗ

**ناشر**
سني سجاڳ پبلشر نوشهرو فيروز (سنڌ)

## جملہ حقوق ناشر وٽ محفوظ آهن

**ڪتاب جو نالو: دين جي سمجهه**

**واعِظ جو نالو: علامہ علي شير حيدري شهيد** رحمة الله عليه

**بيان جو هنڌ: ڳوٺ الله وسايو انڙ ، تحصيل محرابپور،**
**نوشهرو فيروز سنڌ**

**بيان جي تاريخ: ٢ جمادي الاول سنہ١٤٢٨ھ ـــ ١٨ مئي سنہ ٢٠٠٧ع**

**انتخاب: مولانا طفيل احمد عثماني**

**مرتب: قاري عبدالرشيد ڦل**

**ڪمپوزنگ: خادم اهلسنت سيد ارشد علي شاهه بخاري**

**ناشر: سني سجاڳ پبلشرنوشهرو فيروز سنڌ**

**اشاعت نمبر: اوّل**

**تعداد: ١٥٠٠**

**صفحات: ٣٢**

**تاريخ اشاعت: ربيع الاوّل ١٤٣٦ھ**

## ملڻ جا هنڌ:

مدرسہ عمر فاروقؓ ڳوٺ پريو تنيو، تنيا بقا شاهه( 03023108442)

اهلبيت رسول لائبريري الله وسايو انڙ (03003948194)

مڪتبہ عمر فاروقؓ- ڦل شهر نوشهرو فيروز ( 03132983562)

فردوس مسجد نوشهرو فيروز (03002526371)

بخاري ڪتاب گهر سکر (03003124605)

# ٻه اکر

الحمدلله. الله سائينءَ جي اڻ مٽي نوازش جنهن پنهنجي دين جي اشاعت ۾ مون عاجز کي موقعو عنايت فرمايو.

هيءُ منهنجي لاءِ وڏو اعزاز ۽ خوش بختي آهي جو امام اهلسنت علامه علي شير حيدري شهيد نورالله مرقدهٗ جهڙي شخصيت سان وابستگي ۽ نسبت نصيب پئي ٿئي جي رب جي حضور اڳهامي ته آئون پنهنجي بخشش ۽ نجات جي لاءِ انکي ئي ڪافي سمجهان ٿو.

امام اهلسنتؒ جن جي بيشمار مواعظ حسنه مان اسين پنهنجي علائقي جا اهي بيان جيڪي ڪيسٽ يا سي ڊيز ذريعي عام نه ٿي سگهيا ۽ غالب گمان جن جي ضايع ٿيڻ جو آهي تن کي پنهنجي طاقت آهر سهيڙي تحريري صورت ڏئي محفوظ ڪرڻ جو عزم رکون ٿا. اِنْ شاءالله۔

هن بيان ۾ امام اهلسنتؒ جن بهترين نقته سازي فرمائيندي تمام اهم موضوعن تي روشني وڌي آهي جهڙوڪ دين جي صحيح ساڃاهه - امت ٻه طبقا بس مجتهد يا مقلد ــ سنت خلفاءِ راشدينؓ - صحابه ڪرامؓ ۽ اهل بيت عظامؓ جي منقبت ــ بهرحال سڄو خطاب جامع ۽ واقعي خطاب لاجواب آهي.

انهيءَ سلسلي جي هيءَ ٻي ڪڙي آهي هن کان پهريون بيان " **قرآن فرق ڪندڙ ڪتاب** " محرم الحرام **١٤٣٥**ه ۾ شايع ٿيو جيڪو

مختصر عرصي ۾ ختم ٿي ويو. ٻيو دفعو ڪثير تعداد ۾ ڇپائڻ جو ارادو آهي الله پاڪ اسباب مهيا فرمائي، آمين.

آءُ پنهنجي سهڪار ڪندڙن مولانا طفيل احمد عثماني صاحب جن جو شڪريو ادا ڪريان ٿو جنهن جو حديث جي عبارتن ۽ حوالن ۾ تعاون حاصل رهيو.

هن بيان ۾ آيتن جو ترجمو سائين تاج محمود امروٽي رحمة الله عليه جن جي ترجمي تان ورتل آهي.

الله سائين کان دعا آهي تہ اسان جي هن محنت کي قبوليت جو شرف بخشي. حضرت حيدري شهيد رحمة الله عليه جن جي روح کي اسان کان خوش ڪري. سندن پل پل روح کي راحت رسائي ۽ سچن جو ساٿ ۽ انهن جي نسبت اسان جي نسلن تائين قائم دائم رکي. آمين يا رب العالمين.

الله سائين اسان سڀني جو حامي ۽ ناصر

ابو الفاروق عبدالرشيد فاروقي

اعوذ بالله من الشيطٰن الرجيم۔ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ۔ يٰۤاَيُّهَا النَّبِىُّ قُلْ لِّاَزۡوَاجِكَ اِنۡ كُنۡتُنَّ تُرِدۡنَ الۡحَيٰوةَ الدُّنۡيَا وَ زِيۡنَتَهَا فَتَعَالَيۡنَ اُمَتِّعۡكُنَّ وَ اُسَرِّحۡكُنَّ سَرَاحًا جَمِيۡلًا ۞ وَ اِنۡ كُنۡتُنَّ تُرِدۡنَ اللّٰهَ وَ رَسُوۡلَهٗ وَالدَّارَ الۡاٰخِرَةَ فَاِنَّ اللّٰهَ اَعَدَّ لِلۡمُحۡسِنٰتِ مِنۡكُنَّ اَجۡرًا عَظِيۡمًا ۞ صدق الله العظيم۔

صلوٰة سڳوري!

اللهم صلى علىٰ سيدنا و مولٰنا محمدٍ عبدك و رسولك ونبيك وحبك وحبيبك وصفيك وخليلك صلوٰة دائمة بدوام ملكك وباقية ببقاءِ ملكك عدد خلقك و رضا نفسك ومداد كلمٰتك وزنة عرشك لا منتها لها دون علمك وكذالك علىٰ جميع الانبياء والمرسلين وعلى الملائكة المقربين وعلىٰ عبادك الصالحين اجمعين وبارك وسلم۔

منهنجا عزيز دوستو بزرگو ڀائرو! الله تعاليٰ جل شانہٗ جي مهرباني ٿي آهي جنهن اوهان اسانکي هن پاڪ محفل ۾ پنهنجي پاڪ ڪلام جي ٻڌڻ جي لاءِ، پنهنجي دين جي ڳالهين کي سمجهڻ سمجهائڻ جي لاءِ گڏجي ڪري ويهڻ جي توفيق بخشي آهي. الله تعاليٰ جل شانہٗ اوهان اسانجو گڏجي ويهڻ قبول فرمائي. ۽ اوهان اسانکي دين جي صحيح سمجهه نصيب فرمائي. (آمين)

## خير ڪثير!

صحيح سمجهه دين جي جو قرآن ۾ نالو حڪمت آهي ۽ حديث ۾ نالو فقهه آهي. دين جي صحيح سمجهه، ماڻهو پنهنجي نفي نقصان کي سمجهي. دنيا ۾ بہ آخرت ۾ بہ. انجو نالو قرآن پاڪ ۾ حڪمت آهي... ڇا بابا؟ (حڪمت) حڪمت! حڪمت معنيٰ سمجهه سياڻپ دانائي.

”يُّؤْتِي الْحِكْمَةَ مَنْ يَّشَاءُ ۚ وَمَنْ يُّؤْتَ الْحِكْمَةَ فَقَدْ أُوْتِيَ خَيْرًا كَثِيرًا ۗ وَمَا يَذَّكَّرُ إِلَّآ أُولُوا الْأَلْبَابِ ﴿٢٦٩﴾“

(البقرة آية ٢٦٩)

الله تعاليٰ حڪمت عطا فرمائيندو آهي معنيٰ دين جي سمجهه عطا فرمائيندو آهي جنهن کي چاهي.

”وَمَنْ يُّؤْتَ الْحِكْمَةَ فَقَدْ أُوْتِيَ خَيْرًا كَثِيرًا ۗ“ جنهن کي اها دين جي سمجهه عطا ٿي وئي انکي خير ڪثير مليو... تمام گهڻو خير... تمام گهڻي ڀلائي انکي عطا ٿي... ” وَمَا يَذَّكَّرُ إِلَّآ أُولُوا الْأَلْبَابِ “ پر نصيحت پرائيندا سمجهه وارا... ” وَمَنْ يُّؤْتَ الْحِكْمَةَ فَقَدْ أُوْتِيَ خَيْرًا كَثِيرًا ۗ “ جنهن کي حڪمت ملي تنهن کي خير ڪثير مليو. اهو قرآن آهي، ٽئين سيپاري مان سورة بقره جي پڇاڙي واري حصي مان ٿو پڙهان. ۽ حديث پاڪ ۾ اچي ٿو تہ. ”مَنْ يُرِدِ اللهُ بِهِ خَيْرًا يُفَقِّهْهُ فِي الدِّينِ“ (بخاري- ڪتاب العلم) قرآن ڪريم ۾ چا آيو تہ جنهن کي حڪمت عطا ٿي وئي انکي خير ڪثير مليو. گهڻو خير مليو.

حديث پاڪ ۾ ٿو اچي ” مَنْ يُرِدِ اللهُ بِهِ خَيْرًا يُفَقِّهْهُ فِي الدِّينِ“ الله تعاليٰ جنهن ماڻهوءَ سان ڀلائيءَ جو ارادو ڪندو آهي. خير ڏيڻ جو ارادو ڪندو آهي. يفقهه في الدين الله تعاليٰ ان کي دين جي فق هہ... دين جي سمجهہ... نصيب فرمائيندو آهي ۽ رسو الله صلي الله عليہ وسلم جن فرمائن ٿا، فقي هہ واحد، فقي هہ هڪڙو... هڪڙو فق هہ وارو... دين جي سمجهہ، دين جي صحيح علم وارو ماڻهو، «فَقِيهٌ وَاحِدٌ أَشَدُّ عَلَى الشَّيْطَانِ مِنْ أَلْفِ عَابِدٍ» (ترمذي، ابن ماجہ) شيطان کي هزار نيڪ صوفيءَ کان بزرگ کان، هڪڙو دين جي سمجهه رکڻ وارو ماڻهو وڏيڪ ڏکيو لڳندو آهي. الله تعاليٰ جل شانہٗ دين جي سمجهه عطا فرمائي. (آمين)

ٿوري گھڻي دين جي سمجھ هر مسلمان کي آهي.
سمجھ آهي تڏهن تہ توحيد مڃائين...
سمجھ آهي تڏهن تہ رسالت مڃائين...
سمجھ آهي تڏهن تہ سنت وارو رستو اختيار ڪيائين...
جنت وارو رستو اختيار ڪيائين...
سمجھ آهي تڏهن تہ ڪلمو پڙهيائين...

## فقھ جي تعريف

امام اعظم ابو حنيفہ رحمۃ اللہ علیہ فقہ جي تعريف هيئن ٿا فرمائين:
"مَعْرِفَةُ النَّفْسِ مَالَهَا وَمَا عَلَيْهَا"(در المختار ـ البحر الرائق)
پنهنجي نفعي ۽ نقصان کي سمجھڻ اها فقہ آهي. دنيا ۽ آخرت ۾ منهنجي لاءِ ڪھڙي شيءِ فائديمند آهي ڪھڙي نقصان ڪار آهي اها صحيح سمجھ عطا ٿي وڃي اها فقہ آهي. هاڻي مونکي ٻڌايو تہ فقہ پلي شئي ٿي ڪِنَ ڍلي شئي ٿي؟ (پلي شئي) ... جيڪي ماڻهو فقہ کان... فقہ جي نالي کان نفرت ڪن اهي عقل جا سمجھ جا دشمن چئبا ڪن نہ چئبا؟ انهن جهڙو چريو ٻيو ڪھڙو چئبو؟ جنهن کي فقہ تہ نہ هجيس، سمجھ تہ نہ هجيس پر سمجھ جي نالي کان ئي چڙي، اهڙو نياڳو ٻيو ڪو چئبو؟

## مجتهد ۽ مقلد

پوءِ سمجھ جا الاهي درجا آهن. پاڻ کي الله تعالىٰ سمجھ عطا فرمائي اها بہ هڪڙي سمجھ آهي. پاڻ کي خبر پوي اها هڪڙي سمجھ آهي. پر جي خبر نہ پوي تہ خبردار جي ڪَڍَ هلجي اها بہ هڪ سمجھ آهي. هڪڙو آهي تہ رستي جي واقفيت پاڻ کي هجي ٻي ڳالھ اها تہ جاڻي خبر نہ هجي تہ اُتي خبردار جي ڳالھ مڃجي.

رستي جي خبر پاڻ رکي محنت سان... صحيح معلومات ملي دين جي معاملي ۾ باريڪ ڳالهيون به انکي معلوم ٿين... دين جي معاملي ۾ ان کي مجتهد چئبو آهي... ۽ جيڪو سمجهدار جي ڳالهه ميجي انکي مقلد چئبو آهي... محنت سان صحيح ديني ڳالهيون دلائل سان معلوم ٿين ان کي اجتهاد چئبو آهي ۽ سمجهدار جي ڳالهه کي ميڄ ان کي تقليد چئبو آهي ... اجتهاد هونءَ چئبو آهي محنت کي... دين جي اها محنت مسائل جا دلائل معلوم هجن انکي اجتهاد چئبو آهي...

## تقليد جي معني

۽ تقليد هونءَ چئبو آهي هار پائڻ کي... قلادو چئبو آهي هار کي... بخاري شريف ۾ حديث آهي امان عائشه صديقه رضي الله عنها جو قلادو گم ٿي ويو ته نبي پاڪ صلي الله عليه وسلم لشڪر ترسايو... ان جي ڳولا ڪرائي... پاڻي ڪونه هيو... ضرورت پيش آئي تيمّم جون آيتون نازل ٿيون... تيمّم جو حڪم نازل ٿيو ته پاڻي ناهي ته خير آهي تيمّم ڪري ۽ عبادت ڪريو... خوب ڳولهيو ويو پر قلادو نه لڌو... هار نه لڌو... جنهن مهل اُٺ کي اٿاريائون ته انهيءَ اُٺ جي هيٺان اهو هار پيو هو.

## حاضر ناظر هڪ ذات رب جي

نبي سائين صلي الله عليه وسلم ڳولهرائيو پئي جائي پائي (سچ پچ ۾)... ڳولهرايو پئي يا مڙئي ناهه هيو؟ ڳالهايو؟ (جائي پائي ڳولهرايو) جائي پائي ڳولهايائون پئي نه؟... سچ پچ ڳولهايائون پئي نه؟... ڳولهيو پٽ ڳولهيو... پاڻ ﷺ به ڳولهن پيا... صحابه ڪرامؓ به ڳولهين پيا... پوءِ جتي هار پيو هو اتان جي خبر هجي ته ڳولهرائبو؟

هر جاءِ تي حاضر ۽ هر جاءِ تي ناظر جنهن جي نظر وڃي... ۽ هر شيءِ کي هر وقت ڄاڻڻ واري هڪ ذات رب جي آهي... الله تعاليٰ ڄاڻائي ته مصطفيٰ ڪريم صلي الله عليه وسلم جن آسمان جون خبرون آسمانن کان مٿي جون خبرون به ٻڌائن ٿا... زمين جون خبرون ۽ زمين کان هيٺ جون خبرون به ٻڌائن ٿا... پر جي الله نه ڄاڻائي ته جنهن اُن کي ويهاريو اٿئون ان اڻ جي هيٺان هار پيو آهي پر خبر نه ٿي پوي... جيسيتائين الله نه ڄاڻائي تيسيتائين خبر ناهي... الله ڄاڻائي ته خبر پوي ٿي... هر شيءِ کي هر وقت بنا ڄاڻائڻ جي ڄاڻڻ وارو هڪ الله آهي... خير اها ڳالھ اڃي وئي.

## قلادو معنيٰ هار

عرض پئي ڪيم ته امان عائشهؓ جو قلادو گم ٿي ويو... ڇا بابا؟ (قلادو) معنيٰ هار . قلادو معنيٰ؟ (هار)... پوءِ ڪي ڪي (وري) ماڻهن کي پلائيندا آهن. مون وٽ هڪڙا سوال ڪٽي آيا ڇياڻون سائين قلادو ته پٽي کي چئبو آهي. توهان ٿا چئو قلادو هار کي چئبو آهي. قلادو پٽي کي چئبو آهي اهو ته ڪتي جي ڳچيءَ ۾ وجھبو آهي. تقليد معنيٰ پٽو پارائڻ. قلادو پارائڻ. ته قلادو ته پٽي کي چئبو آهي جيڪو ڪتي کي پارائبو آهي. توهان ٿا چئو ته هار کي چئبو آهي. مون چيو ابا قلادو چئبو آهي ان شيءِ کي جيڪا ڳچيءَ ۾ پائڻ جي هجي پوءِ هرڪو پنهنجي مناسبت سان معنيٰ ڪندو. ڪتي کي پٽو پارائبو، ماڻهن کي هار پارائبو. اسان ماڻهو آهيون، ماڻهن واري معنيٰ ڪندا سين ٻين جي آ مرضي... ماڻهو ته ماڻهن واري معنيٰ ڪندا نه؟... (بيشڪ) جڏهن پارائڻ وارو ماڻهو هجي، پائڻ وارو ماڻهو هجي ته معنيٰ ماڻهن واري ڪبي... برابر اها ڳالھ آهي ته جيڪا به شيءِ ڳچيءَ ۾ پائجي انکي چئبو

آھي قلادو... پوءِ جي ٻڪريءَ کي آھي تہ ڳاني ھوندي. جي ڪتي کي آھي تہ پٽو ھوندو... ماڻھوءَ کي آھي تہ ھار ھوندو... (سبحان اللّٰہ) خير عرض پئي ڪيم تہ دين جي سمجھ کي فقہ چئبو آھي... ان جا درجات آھن... ھڪڙي ڳالھ آھي تہ پاڻ کي دلائل معلوم ھجن، پاڻ ماڻھو ماھر ھجي... جي پاڻ ماھر ناھي تہ ماھر جي ڪڍ لڳي... ماھر قانون جي تابع ھوندو آھي، قانون کي سمجھندو آھي... اھو قانون جي ٽڪر ۾ نہ ھوندو آھي...

**ائمہ مجتھدين قرآن ۽ سنت جي قانون جا ماھر ۽ شارح**

مجتھد ائين آھن جيئن جج ھجن، بيرسٽر ھجن، وڪيل ھجن، قانون جا ماھر ھجن... توھان پاڻ جي قانون ڄاڻو ٿا تہ ٺيڪ آھي نہ تہ پوءِ وڪيل وٽ ويندؤ، جج وٽ ويندؤ... قانون ساڻ ٽڪر وٺڻ جي لاءِ نہ پر قانون جي تشريح جي لاءِ... تہ قرآن ۽ سنت قانون آھي ائمہ مجتھدين انجا ماھر آھن... سوالي انھن ڏي ويندا آھن تہ اسان کي عمل سمجھايو ان قانون تي... ان جي لاءِ نہ ويندا آھن تہ قرآن سان ٽڪر سيکاريو، حديث سان ٽڪر سيکاريو...

قرآن ڪريم ۾ ھڪڙا مسئلا آھن جيڪي ظاھر ھيئن نظر ٿا اچن، ٻيا مسئلا لڪل آھن اُھي ٿوڻن کي معلوم ٿيندا... جاٿي پاڻ آھيون ھتي پاڻي آھي پر کو کوھ کوٽي تہ نڪري نہ... جنھن وٽ کوھ کوٽڻ جا اوزار ڪونھن، کوٽي نہ ٿو... محنت نہ ٿو ڪري اھو ڪنھن کوٽيل کوھ تي وڃي پاڻي پيئندو... پوءِ کوھ کوٽيندڙ جيڪو ھوندو آ اُھو پاڻي ٺاھيندو آ ڪن ظاھر ڪندو آ؟ چئو ؟ (ظاھر ڪندو آ)... کوھ کوٽيندڙ اُھو پاڻي ٺاھيندو آ يا ظاھر ڪندو آ؟ (ظاھر ڪندو آ) ظاھر ڪندو آ... ائين ئي امام مجتھد، مجتھد معنيٰ محنت ڪندڙ... مستنبط معنيٰ کوٽيندڙ... مجتھد

محنت ڪندو آهي دين جي مسئلي کي ظاهر ڪندو آ. ٺاهيندو ناهي... هاڻي جنهن کوھ کوٽيو نالو تہ ڪٽي ان جو ٿيندو، فلاڻي جو کوھ... فلاڻي جو کوھ... پر ڇا پاڻي ان جو ٺهيل آهي؟ ڳالهايو؟ (نہ سائين) نہ! پاڻي الله جو رکيل آهي... هن محنت ڪري ظاهر ڪيو... تہ مسائل جيڪي قرآن پاڪ ۾ حديث شريف ۾ لڪيل آهن... کوٽي ڪري محنت ڪري ٺوبڻ ظاهر ڪيا... دين جي سمجھ فقھ جنهن کي الله تعالیٰ نصيب فرمائي جيئن کوھ کوٽيندڙ جي نالي تي ٿيو وڃي، تہ ادا فلاڻي مولوي صاحب جو... فلاڻي پير صاحب جو... فلاڻي وڏيرو جو... فلاڻي چوڌري جو کوھ... ائين هي محنت جن ڪئي آهي ان جي نالي ڏي منسوب اٿئي... ادا! هي امام اعظم ابو حنيفہؒ جي فقہ... هي امام مالڪؒ جي فقہ... هي امام شافعيؒ جي فقہ... هي امام ابن حنبلؒ جي فقہ... ائين منسوب آ جيئن کوھ منسوب هوندا آهن... جيئن پاڻي هوڏي هنن جي هٿ جو ٺهيل نہ هوندو آ. ائين هيڏي هنن جا ديني مسئلا هٿ جا ٺوڪيل ٺهيل نہ هوندا آهن... (سبحان الله)

## امت ۾ بہ طبقا! اجتهاد ۽ تقليد

عرض پئي ڪيم تہ سمجھ جا ٻہ درجا آهن... هڪڙو درجو اهو آهي تہ پاڻ کي دلائل معلوم هجن... ٻيو درجو اهو آهي تہ سمجھدار جي ڪڍ لڳجي يا ماڻهو رستي جو ڄاڻيندڙ هجي يا رستي کي ڄاڻيندڙ جي ڪڍ لڳجي... يا تہ ماڻهو پاڻ سمجھي يا سمجھ وارن جي ڳالھ ٻڌي مڃي... ملائڪ جنهن مهل قبر ۾ اُٽاري سوال ٿا ڪن مؤمن کان سوال ڪيائون... مَن رّبكَ(رب ڪير اٿئي؟) چيائين رَبّي الله! مَن نبيك نبي ڪير اٿئي؟ چيائين نبيّ محمد رسول الله ... ما دينك. دين ڪهڙو اٿئي؟ چيائين ديني الاسلام! ان کي چون ٿا

تون آرام ڪر... پئي ڪي وڃي اٿارين ٿا، پڇن ٿا اُٿ بِدَاءِ من ربك؟ ڇپائين هاءِ هاءِ لاادري! من نبيك؟ نبي ڪير اٿئي؟ ڇپائين هاءِ هاءِ لاادري! بخاري شريف جي حديث ٿو پڙهان ما دينك ڪهڙو دين اٿئي... ڇپائين هاءِ هاءِ لاادري مَا تَقُولُ فِي هَذَا الرَّجُلِ الذى بعث فيكهي جوان جيڪو توهان ڏي موڪليو ويو هو ان جي باري ۾ تنهنجو ڇوڻ ڇا آهي؟ ڇپائين هاءِ هاءِ لاادرى... هاءِ هاءِ مونکي ته خبر ئي ڪانهي... پوءِ ملائڪ ان ڪي مارن به ٿا ۽ چون هيئن ٿا لَاتَلَيْتَ ولاَ دَرَيْتَ نه ڪو ڪنهن پئي سمجهدار جي ڪڍ لڳي، نڪو پاڻ دين سمجهئي تليت بتلواً مقدمه تالي هوندا آهن به جملا... معنيٰ ڪڍ لڳڻ... لا تليت نه ڪنهنجي ڪڍ لڳي ولا دريت نه وري پاڻ ئي سمجهئي... معنيٰ ملائڪن جي مار ڪان بچڻ جا قبر ۾ پادرن ڪان بچڻ جا به رستا آهن... يا ته پاڻ ڪي دين جي سمجهه هجي يا سمجهه وارن جي ڪڍ لڳجي... يا مجتهد آهي ته بچندو يا مقلد آهي ته بچندو، ٻيا موچڙن ۾ مري ويندا... امت ۾ بچڻ جا به طبقا آهن. بس!... يا ته درايت هجي پاڻ ڪي سمجهه هجي... دين جي اجتهاد هجي... يا وري انهن دينداارن سمجهدارن جي ڪڍ لڳي، انهن جي ڳالهه ميجي...

وَلِلَّذِيْنَ كَفَرُوْا بِرَبِّهِمْ عَذَابُ جَهَنَّمَ ۖ وَبِئْسَ الْمَصِيْرُ ۞٦ اِذَآ اُلْقُوْا فِيْهَا سَمِعُوْا لَهَا شَهِيْقًا وَّهِيَ تَفُوْرُ ۙ ۞٧ تَكَادُ تَمَيَّزُ مِنَ الْغَيْظِ ۖ كُلَّمَآ اُلْقِيَ فِيْهَا فَوْجٌ سَاَلَهُمْ خَزَنَتُهَآ اَلَمْ يَاْتِكُمْ نَذِيْرٌ ۞٨ قَالُوْا بَلٰى قَدْ جَآءَنَا نَذِيْرٌ ۙ فَكَذَّبْنَا وَقُلْنَا مَا نَزَّلَ اللّٰهُ مِنْ شَيْءٍ ۚ اِنْ اَنْتُمْ اِلَّا فِيْ ضَلٰلٍ كَبِيْرٍ ۞٩ وَقَالُوْا لَوْ كُنَّا نَسْمَعُ اَوْ نَعْقِلُ مَا كُنَّا فِيْٓ اَصْحٰبِ السَّعِيْرِ ۞١٠ (سورة ملڪ)

(ترجمو: ۽ جن پنهنجي پالڻهار جو انڪار ڪيو تن لاءِ دوزخ جي سزا آهي، ۽ اُها (رهڻ جي) جاءِ بڇڙي آهي ~ جڏهن ڪين دوزخ ۾ اڇليو

ويندو (تڏھن) ان جون (گڏھ جھڙيون) هينگون ٻڌندا ۽ اُهو پيو اُپامندو ~ جو ڪاوڙ ڪان (ڇڻ ته) اجهو ٿو ڦاٽي! جنهن مهل ڪنهن ٽوليءَ کي ان ۾ پيو وجهبو (تنهن مهل) دوزخ جا داروغا انهن کان پڇندا ته اوهان وٽ ڪو ڊيڄاريندڙ (پيغمبر) نه آيو هو ڇا؟ ~ چوندا هائو! بيشڪ اسان وٽ ڊيڄاريندڙ آيو هو، پر (اُن کي) ڪوڙو ڄاتوسون ۽ چيوسون ته الله ڪا (به) شئي نه لاٿي آهي، بس اوهين ته وڏيءَ گمراهيءَ ۾ (پيل) آهيو ~ ۽ چوندا ته جيڪڏهن اسين ٻُڌون ها يا سمجهون ها ته دوزخين (جي ٽوليءَ) ۾ (ڪڏهن داخل) نه ٿيون ها ﴾

جهنمي جهنم جو وجن ٿا اتي ٿا چون "لَوْ كُنَّا نَسْمَعُ اَوْ نَعْقِلُ مَا كُنَّا فِيْٓ اَصْحٰبِ السَّعِيْرِ " جيڪڏهن ٻڌ ون هان يا سمجھ ون هان تہ جهنمي نہ ٿيون هان... يا ٻڌ ون هان يا سمجھ ون هان... اهو ٻڌڻ معنيٰ ميڻ آهي. هي اسان جي ڳالھ ٻڌي ئي نٿو، هن جي ٻڌندو آهي... هي چويس هن جي ڳالھ ٻڌندو آهي معنيٰ ميڻندو آهي... اَبا هي ڪنهنجي ٻڌي ئي نٿو، هُن جي ٻڌندو آهي. هي چويس هن جي ڳالھ ٻڌندو آهي معنيٰ ميڻندو آهي... ابا هي ڪنهنجي ٻڌندو ئي ڪونهي، هن کي ڇا چونڌؤ؟ معنيٰ ميڻندو ئي ڪونهي... "لَوْ كُنَّا نَسْمَعُ اَوْ نَعْقِلُ مَا كُنَّا فِيْٓ اَصْحٰبِ السَّعِيْرِ " جيڪڏهن ٻڌ ون ها يا سمجھون ها تہ جهنمي ڪونہ ٿيون هان... باھ ۾ ڪونہ پئون هان... "لَوْ كُنَّا نَسْمَعُ اَوْ نَعْقِلُ" يا تہ ٻڌون ها پين سمجھدارن جي ڳالھ ميون ها يا پاڻ سمجهدار هجون هان... يا اجتهاد وارا هجون هان يا مجتهد هجون ها يا مقلد هجون ها... يا دين جي سمجھ رکڻ وارا پاڻ هجون يا دين جي سمجھدارن جي ڪڍ لڳڻ وارا هجون ها تہ جهنمي نہ ٿيون ها...

منهنجا دوستو! جهنم کان بچڻ جا اهي ٻہ رستا آهن...

هڪ اجتهاد - ٻيو تقليد

امت جي لاءِ اهي ۽ رستا آهن... نبي سائينﷺ پنهنجي طرفان استاد موڪليندا هئا... بابا توهان کي جيڪو ۽ مسئلو پيش اچي هن کان پڇو، جيئن چوي عمل ڪيو... جنهن کي موڪليندا هئا ان کي دعا فرمائي چڏيندا هئا... ان کي سيکاريندا هيا تہ پُٽ هيئن فيصلو ڪجان... ٻين کي چوندا ها جيئن هي فيصلو ڪري تيئن توهان مڃجو... جنهنکي موڪليندا هيا اهو مجتهد هوندو هو، جيڪي مڃيندا هئا ان کان دليل نہ پڇندا هئا... تہ هي ڇو؟... نبي سائين جو فرمايل هيو هن جي ڳالھ مڃجو، بس مڃيند ا هيا... اهو بنا سوال دليل جي مڃڻ ان کي تقليد چئبو آهي... شريعت نہ هجي تہ ان کي تقليد چئبو آهي... سمجھ ۾ اچي ٿي ڳالھ؟...

## حقيقي مجتهد

هر مريض کي حق ناهي (جو چوي) تہ هيءَ گوري (ٽڪي) ڇو کاوان، هيءَ ڇونہ کاوان؟ هيء ڪيپسول ڇو کاوان ، هي ڇو نہ کاوان... دوا پيلا هوءَ نہ ٿو ڏين، هي ڇو؟ جيئن ڊاڪٽر جي سامهون هر مريض اهو سوال نہ ٿو ڪري سگهي... اهڙي نموني سان مجتهد جي سامهون هر مقلد اهو سوال نہ ٿوڪري سگهي... ها! هيءَ ڳالھ ضرور آهي تہ ڊاڪٽر ڏي وڃجي؟ ڪوڙي ڏي نہ وڃجي... ڪوٺاري ڏي نہ وڃجي... هجي ماٺھو واقعي مجتهد وٽ ائين نہ جنهن کي دين جي سمجھ ڪجھ ئي ڪانهي الٽو سلٽو جيڪو آهي سو ڪنهن ڪتاب جو ترجمو هِتان هُتان ياد ڪيو ويٺو آهي ۽ توهان سمجهو تہ وڏو شيخ الحديث آهي وڏو مجتهد آهي. هيءُ هر ڳالھ حديث مان ٻڌائيندو جنهن کي خبر پاڻ کي ئي نہ هجي اهو توهان کي ڇا ٻڌائيندو؟

*آنکہ خود گمراہ است کہ رہبری کند*

هجي واقعي حڪيم، هجي واقعي ڊاڪٽر، مريض وٽي ان وٽ، پوءِ هر دوا جو دليل نه پڇندو. هجي واقعي مجتهد ان جي ڪڏ لڳي ان ڪان دين سکي. پوءِ هر مسئلي جو دليل پل نه پڇي. ان اعتماد تي ته هيءَ جيڪا ڳالهه ٻڌائيندو الله جي ... الله جي رسول ﷺ جي ... تعبيداري ڏسيندو. (سبحان الله)

## فقه ۾ ماڻهون امام اعظم رحمة الله عليه جي آڪه

ڊاڪٽر ڪيئن سڃاڻبو آهي؟ سند ته ڪوڙي به ملي سگھي ٿي. هي سُيون شيشيون ته ڪوڙا به رکي ٿا ويهن... عطائي به رکي ٿا ويهن... جيڪي واقعي ڊاڪٽر آهن مشهور معروف مجيل، دنيا ۾ علائقن ۾ اهي چون ٿا ته ها واقعي هي ڊاڪٽر آهي اهو ڊاڪٽر مجيل آهي. حڪيم جنهن کي مجين اهو حڪيم آهي. طبيب جنهن کي مجين اهو طبيب آهي. ڊاڪٽر جنهن کي مجين اهو ڊاڪٽر آهي جنهن کي علم وارا محدث فقها اهي پاڻ مجين ته هيءُ مجتهد آهي، اهو واقعي مجتهد هوندو آهي. پوءِ ٻيا ته پنهنجي جاءِ تي پر اسان جو تعلق جنهن امام اعظم ابوحنيفهؒ سا آهي ان جو اجتهاد ان درجي تي آهي جو امام شافعيؒ جهڙو مجتهد ٿو فرمائي **"الناس كلهم اعيال على ابي حنيفة في الفقه"** (تاريخ بغداد ج١ ص ٣٤٦) ته دين جي سمجھ ۾ ماڻهون امام ابوحنيفهؒ جي آڪه آهن. (سبحان الله) امام شافعي رحمة الله عليه پنهنجي دور ۾ ٿو فرمائي ماڻهو امام اعظم ابو حنيفهؒ جي آڪه آهن فقه جي مسئلي ۾ دين جي معاملي ۾ الله تعاليٰ ان کي ايڏي سمجھ ڏني آهي جو هن دور ۾ جيڪي علماء آهن اهي ان جا ٻچا سونهن. ان دور ۾ ٿو فرمائي اڄ جي ڳالهه ناهي.

## حديث حضرت معاذ رضي الله عنه

ته مان عرض ڪيو ته رسول الله صلي الله عليه وسلم پاڻ موڪليندا هيا جنهن علائقي وارن ڪلمو پڙهيو انهن ڏي استاد

موڪليندا هيا. ان کي فرمائيندا هئا پٽ تون فيصلا هيئن ڪجانءِ هيئن ڪجانءِ سيڪاري ڇڏيندا ها. هُنن کي چوند اهئا جيئن هي فيصلو ڪري توهان کي ائين ڪرڻو آهي. حضرت معاذ رضي الله عنه کي يمن موڪليائون، جيڏي مهل موڪلن ٿا تيڏي مهل تيار ٿا ڪنس "**ڪيف تقضي يا معاذ** ؟" معاذ پٽ فيصلا ڪيئن ڪندي؟ چيائين سائين "**اقضي بڪتاب الله**" سائين ڪتاب الله سان. ڪلام الله سان. جيڪو مسئلو آيو ڪلام الله سان فيصلو ڪندم. رسول الله صلي الله عليه وسلم فرمائين ٿا "**ان لم تجد في ڪتاب الله؟**" جي ڪتابُ الله ۾ تون ڪا ڳالھ نہ لهين پوءِ؟ معنيٰ نبي سائين صلي الله عليه وسلم جن سمجهن پيا ڪي ڳالهيون اهڙيون آهن جيڪي معاذ ڪان ڪتاب الله ۾ نہ لڀنديون چيائين اقضي بسنت رسول الله! سائين جي ڪتاب الله ۾ نہ لڌم تہ سنت رسول الله توهان کي ڏٺو هوندم جيئن اهو ڪيس آيو هوندو جيئن توهان فيصلو ڪيو هوندو ائين ڪندم. فرمايائون "**وان لم تجد في سنت رسول الله** ؟" پيلا جي رسول الله جي سنت ۾ بہ اهو مسئلو توکي نہ لڀي تہ پوءِ؟ اهڙو ڪيس تنهنجي سامهون حضور عليه السلام جي جي ڪچهري ۾ بہ نہ آيو هجي تہ پوءِ؟ چيائن سائين "**اجتهد برايي ولا آلو**" سائين ما اجتهاد ڪندم سوچيندم ڪوتاهي ڪونہ ڪندم. پنهنجي طرفان پوري ڪوشش ڪندم تہ مان صحيح ڳالھ ڪيان. سوچي ڪري فتويٰ ڏيندم. رسول الله صلي الله عليه وسلم جن حضرت معاذ رضي الله عنه جي سيني تي هٿ گهمايو هيئن ٺپڪي ڏنائون. ٺپڪي ڏنائون. ضرب صدره رسول الله صلي الله عليه وسلم جن ان جي سيني تي هٿ هنيو فرمايائون "**الحمد لله الذي وفق رَسول رسول الله لما يرضيٰ به**" رسول الله فرمايو الحمدلله الله جو حمد آهي الله جو شڪر آهي جنهن پنهنجي

رسول جي قاصد کي اها توفيق ڏني جيڪا رسول الله ﷺ کي وڻي وئي. (سبحان الله)

### نبي پاڪ ﷺ جن جو اجتهاد تي خوش ٿيڻ

اجتهاد جي ڳالهه ٻڌي نبي پاڪ صلي الله عليه وسلم جن ان جي سيني کي ٺپڪي ڏين ٿا پيا ۽ شاباس ڏين ٿا پيا الله جو شڪر ادا ڪن ٿا پيا هاڻي جي هي اجتهاد ڪندو. هي فيصلو ڪندو، هو مڃيندا نه؟(بيشڪ) مجتهد جي بنجڻ تي مجتهد جي مڃڻ تي رسول الله سائين ته خوش ٿا ٿين جنهن تي رسول پاڪ ﷺ خوش ٿو ٿئي. جيڪو ان تي ناخوش ٿئي اهو پنهنجو حل پاڻ سچاڻي. رسول الله صلي الله عليه وسلم جي سامهون سائين جي زندگيءَ ۾ جيڪي ماڻهو ڪلمو پڙهندا هئا دنيا ۾ هڪڙا هي هيا جيڪي سائين وٽ هيا اُهي هر ڳالهه سائين کان پڇندا هيا انهن کي تقليد جي ضرورت ڪانه هئي ڪنهن ٻئي کان پڇڻ جي ضرورت ڪانه هئي جيڪي ماڻهو پري هيا اهي ٻه قسم هيا هڪڙا اهي ها جيڪي دين جا فقيهه سمجهدار انهن کي اڳواڻ ڪري رسول الله صلي الله عليه وسلم ٻين کي حڪم ڏئي ڇڏيو هو ته هنن جي ڳالهه مڃو. هڪڙا حضور ﷺ وٽان دين سکي هوڏي ويا ها ۽ ٻيا انهن کان پڇي ڪري عمل ڪرڻ وارا ها. رسول الله صلي الله عليه وسلم جي سامهون جيڪي هئا اهي سائين جن کا پڇندا ها، جيڪي سامهون نه هئا انهن ۾ هڪڙا مجتهد هئا ٻيا مقلد هئا. ڳالهه سمجهو ٿا؟ (جي سائين). جيڏي مهل سائين جن هن جهان مان روانو ٿي ويا هاڻي رڳو اهو وڃي رهيو يا مجتهد هوندو يا مقلد هوندو. امتي بس! يا پاڻ کي دلائل جي معلومات هوندي يا دلائل واري جي ڳالهه مڃيندو.

## حضرات شيخين رضي الله عنهما جي تابعداريءَ جو خاص حڪم

رسول الله صلي الله عليہ وسلم صحابہ ڪرام رضه جي ائين تربيت فرمائي آهي هڪڙا دين جا ڄاڻوندڙ وڏا، ٻيا وري انهن جي ڳالهہ مڃڻ وارا. فرمايائون " **اِنّي لا ادري مابقائي فيڪم فقتدو باالذين من بعدي ابي بڪر وعمر** " (ترمذي) **اِنّي لا ادري مابقائي فيڪم** مان ڪونہ ٿو ڄاڻان ڪيترو بقا منهنجو توهان ۾ ڪيترو هاڻي رهڻ ٿيندو. پوءِ سائين ڇا حڪم آهي؟ " **فقتدو باالذين من بعدي ابي بڪر وعمر** " مونڪان پوءِ توهان انهن ٻن جوانن ابوبڪرؓ و عمرؓ جي اقتدا ڪجو. انهن جي ڪڍ لڳجو.

بابا جي اهي ڳالهہ ٻڌائيندا الله جي. الله جي رسول ﷺ جي... اها تہ ڪوئي بہ ٻڌائي ميڻي آهي. آيت قرآن مجيد جي ڪوئي بہ ٻڌائي ميبي حديث پاڪ سنت رسول الله ﷺ جي ڪوئي بہ ٻڌائي ميبي. هنن جي لاءِ جو خاص سائين جن ٿا فرمائين ڇو؟ معنيٰ هي ڳالهہ غلط ڪندا ئي ڪونہ... جيئن چون تيئن ڪجو توهان صحيح رهندو. (سبحان الله) جي ائين چئون تہ هي جيڪا الله جي ڳالهہ ٻڌائين اها ميجو. جيڪا رسول الله ﷺ جي ڳالهہ ٻڌائين اها ميجو. تہ پوءِ هنن جي ت خصيص جي ڪهڙي ضرورت آهي؟ اهو تہ جيڪو بہ ٻڌائي ميبي... سمجهو ٿا الائي ڪونہ؟ (سمجهون ٿا سائين) آيت جيڪو بہ ٻڌائي ميبي... حديث جيڪو بہ ٻڌائي ڪوڙ نہ هجي ميبي... هجي واقعي آيت هجي واقعي حديث ميبي... پوءِ هنن ٻن جي خاص ڳالهہ ڪهڙي آهي؟

## سنتِ خلفاءِ راشدين

خاص ڳالهہ اها آهي تہ آيت ٻڌائين، حديث ٻڌائين اها پنهنجي جاءِ تي... پر جيڪو حڪم ڪنوَ ميجو... هنن ڪي چون

چون نہ ڪجو... ڇو. ڇا لاءِ نہ ڪجو. ” **عليكم بسنتي وسنت الخلفاء الراشدين المهديين تمسكوبها وعضوعليهابن نواجذ**“ (ترمذي) **عليكم بسنتي وسنت الخلفاء الراشدين المهديين** قابو ڪجو... چنبڙي پئجو منهنجي سنت کي **وسنت الخلفاء الراشدين المهديين** خلفاء راشدين جي سنت کي جيڪي هدايت وارا آهن انهن کي چنبڙي پئجو... جي انهن جي سنت ساڳي آهي تہ ڏار نالي ڪٽڻ جو ضرور ڪھڙو... رسول الله صلي الله عليہ وسلم جن جو فرمان اجايو نہ ٿو ٿي سگھي... عليكم بسنتي توهان جي مٿان لازم آهي قابو ڪجو منهنجي سنت کي **وسنت الخلفاء الراشدين** خلفاء راشدين جي سنت کي لازم ڪجو. معنيٰ منهنجي سنت بہ سنت آهي تہ خلفاء راشدين جو طريقو بہ سنت آهي (بيشڪ) خلفاء راشدين جو طريقو بہ سنت آهي؟ (سنت آهي) سمجھو ٿا؟ اهلسنت جيئن رسول الله صلي الله عليہ وسلم جي طريقي کي سنت سمجھندا آهن تيئن حضور ﷺ جي اصحاب خصوصا خلفاء راشدين جي طريقي کي سنت سمجھندا آهن جيئن ان کي قبول ڪندا آهن هِن کي بہ قبول ڪندا آهن... ڇو تہ محمد پاڪ صلي الله عليہ وسلم جن جي پارت ڪئي... جن کي الله چونڊي ڪري محمد پاڪ ﷺ جي نيابت خلافت نصيب فرمائي حضور عليہ السلام جا مخالف نہ ٿا ٿي سگھن اهي بدعت نہ ٿا سيکاري سگھن جو ڪجھ سيکاريندا دين هوندو... جيڪا ڳالھ سيکاريندا حضور ﷺ جو طريقو هوندو سنت هوندي... (بيشڪ)

## الله تعاليٰ جو دين

” إِذَا جَاءَ نَصْرُ اللَّهِ وَالْفَتْحُ ﴿١﴾ وَرَأَيْتَ النَّاسَ يَدْخُلُونَ فِي دِينِ اللَّهِ أَفْوَاجًا ﴿٢﴾ فَسَبِّحْ بِحَمْدِ رَبِّكَ وَاسْتَغْفِرْهُ ۚ إِنَّهُ كَانَ تَوَّابًا ﴿٣﴾ “

محمد پاڪ ﷺ ڇئو جڏهن الله جي مدد آئي فتح آئي **وَرَأَيْتَ النَّاسَ** تون پاڻ ڏٺو ماڻهن کي **يَدْخُلُونَ فِي دِينِ اللَّهِ أَفْوَاجًا** الله جي دين ۾ داخل

ٿا ٿين فوجن جون فوجون دين ۾ داخل ٿ يون ٿين. تو پاڻ ڏٺو جن ڪي نبي سائين اڪين سان ڏسي دين ۾ داخل ٿي ويا اه ي ڪير بڻيا؟ (صحابہؓ) چئو ابا... (صحابہؓ) جن ڪي نبي سائين پاڻ ڏٺو هو دين ۾ داخل ٿيندي اهي ڪير بڻيا؟ (صحابہؓ) ''وَرَاَيْتَ النَّاسَ يَدْخُلُوْنَ فِيْ دِيْنِ اللّٰهِ اَفْوَاجًا'' فوجن جون فوجون دين ۾ داخل ٿيا ''يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا ''اي ايمان وارو! ''ادْخُلُوْا فِي السِّلْمِ كَآفَّةً '' توهان اسلام ۾ داخل ٿيو توهان اسلام ۾ داخل؟ ٿيو ... جڏهن ڪلمو پڙهو ٿا تہ ٿيو اسلام ۾ داخل... انهن جي لاءِ گواهي ڏنائين ''يَدْخُلُوْنَ فِيْ دِيْنِ اللّٰهِ اَفْوَاجًا'' اهي دين ۾ داخل ٿيا محمد پاڪ ﷺ پاڻ اڪين سان ڏٺو ''فَسَبِّحْ بِحَمْدِ رَبِّكَ وَاسْتَغْفِرْهُ ۔ اِنَّهٗ كَانَ تَوَّابًا '' سهڻا تون تسبيح ڪر حمد ڪر شڪر ڪر الله جو... شڪر ڪر الله جو...

## صحابہ ڪرام رضی اللہ عنہم وٽ دين ئي دين آهي

چريو پيو چوي سائين دين ۾ داخل ٿيا پوءِ ڪلمو الائي دل سان پڙهيائون الائي نہ... مون چيو جي دل سان نہ پڙهيائين تہ اهو ٿيو منافق ڪوڙو... ائين نہ ؟... (جي سائين) الله ٿو فرمائي ''فَسَبِّحْ بِحَمْدِ رَبِّكَ ''رب جو حمد ڪر ... هي دين ۾ داخل ٿيا اٿئي... شڪر ڪر سچا مسلمان ڏنا ٿي ماءِ شڪر ڪر... ڪن چويس ٿو ڪوڙا ڪوڙا ڏنا ٿي ماءِ شڪر ڪر... منافق ڏنا ٿي ماءِ شڪر ڪر... بي وقوف ڏنا ٿي ماءِ شڪر ڪر... هان؟ شڪر ڇا تي؟ سچن تي ڪِنَ ڪوڙن تي؟ (سچن تي) وفادارن تي ڪِنَ بي وفائن تي؟ (وفادارن تي) مؤمنن تي ڪِنَ منافقن تي؟ (مؤمنن تي) ... ''فَسَبِّحْ بِحَمْدِ رَبِّكَ وَاسْتَغْفِرْهُ ''الله جو اهو حڪم فرمائڻ تہ حمد ڪر تسبيح ڪر استغفار ڪر... شڪر ڪر... ٿور و مڃ الله جو... جو هي جوان دين ۾ داخل ڪري ڏنا ٿي ماڻ... اها ڳالھ ٻڌائي ٿي پئي تہ فوجن جون فوجون جيڪي دين ۾ داخل ٿيا سي پڪا ٿيا... جيئن ظاهر ٿيا تيئن دلئون

ٿيا... (سبحان الله) دين ۾ داخل ٿيا... توجہ رهي... دين ۾ داخل ٿيا ڇا؟ دين ۾ ڪِنَ دين جي پرسان اچي بيٺا ها؟ (دين ۾ داخل ٿيا) ابا جي دين ۾ داخل ٿيا تہ هاڻي انهن جي ڇوڏاري دين آهي... هاڻي انهن جي اڳيان دين آهي... پٺيان دين آهي... مٿان دين آهي... هيٺيان دين آهي... هيڏانهن دين آهي هوڏانهن دين آهي... سڄي ڪٻي، اڳيان پويان، هيٺان مٿان، صحابہؓ کي جيڏانهن ڪيڏانهن دين آهي... بي ديني صحابيتؓ کي ڪانہ لڳندي. (بيشڪ) بدعت بي ديني آهي ڪِنَ دين آهي؟ بدعت بي ديني آهي... اها صحابہؓ جي ويجهو نہ ايندي. (بيشڪ) جيڪا صحابہؓ کان ثابت آهي سا بدعت ناهي... سمجهو ٿا ڳالھ کي؟ (جي سائين) صحابہؓ ڪرام جنهن شيءِ کي دين جي طور تي قبول فرمايو آهي اها بدعت ناهي... ڇو تہ بدعت صحابہؓ جي ويجهو نہ ايندي... بدعت بي ديني آهي... هي دين ۾ داخل ٿيا، تنهن جي ڪري اهي ماٺھو ڀليل آهن برا آهن... جيڪي چون ٿا صحابہؓ کان ثابت آهي پر بدعت آهي انهن جو خانو خراب آهي... بچو انهن کان ... صحابہؓ ڪرام جي عزت ۽ عظمت مسلمانن کي هيئن مڃڻي آهي تہ جيڪو دين الله جو آهي جيڪو دين رسول الله ﷺ جو آهي اهو دين صحابہؓ جو آهي... صحابہؓ وٽان اها شيءِ ملندي جيڪا رسول پاڪ ﷺ واري هوندي... رسول پاڪ وٽان اها آئي آهي جيڪا الله واري آهي... (بيشڪ) ''يَدْخُلُوْنَ فِيْ دِيْنِ اللّٰهِ اَفْوَاجًا'' الله جي دين ۾ داخل ٿيا فوجن جون فوجون... هاڻي اتي دين جي نسبت الله ڏي آهي ڪنهنجو دين سائين؟ (الله جو)

## نبي ﷺ سائين جن جو دين

فرمايائين ''قُلْ يٰٓاَيُّهَا النَّاسُ اِنْ كُنْتُمْ فِيْ شَكٍّ مِّنْ دِيْنِيْ فَلَآ اَعْبُدُ الَّذِيْنَ تَعْبُدُوْنَ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ'' چئو سھڻا ''يٰٓاَيُّهَا النَّاسُ'' اي

ماٿھو ''اِنْ كُنْتُمْ فِيْ شَكٍّ مِّنْ دِيْنِيْ '' جي منهنجي دين جي متعلق شڪ ۾ آهيو تہ ٻڌو جن کي توهان ٿا پوڄو تن کي مان نہ پوڄيندو مانوَ... نبي سائين ائين فرماءِ ''اِنْ كُنْتُمْ فِيْ شَكٍّ مِّنْ دِيْنِيْ ''منهنجي دين جي متعلق شڪ ۾ آهيو. نبي سائين کان اتي چورايو ويو... منهنجو دين معنيٰ نبي سائين جو دين... ڪنهنجو سائين؟ (نبي سائينءَ جو) نبي سائينءَ جو دين... هُتي چا هيو الله جو دين... هِتي چا آهي نبي سائينءَ جو دين... پيو هيو ڪِنَ اهو ساڳيو؟ چئو (ساڳيو) ساڳيو نہ ... الله وٽان آيو نبي سائينءَ جن ڏي، هاڻي ڪنهنجو ٿيو؟ نبي سائين ءَ جو... الله جو آهي ئي آهي الله وٽان ڪسجي نہ ويو... الله پاڪ جل شانہ عطا فرمايو نبي سائينءَ کي... هاڻي اهو سڏبو نسبت ڪبي نبي پاڪ صلي الله عليہ وسلم ڏي... نبي سائينءَ وارو دين، نبي پاڪ ﷺ وٽان اهو دين آيو نبي پاڪ عليہ السلام اهو دين آندو ڏنائون صحابہ کي... سيکارڻ وارو نبي پاڪ ﷺ سکڻ وارا صحابہؓ... ٻڌائڻ وارو نبي پاڪ ﷺ ٻڌڻ وارا صحابہؓ... هلائڻ وارو نبي پاڪ ﷺ هلڻ وارا صحابہؓ... هاڻي نبي پاڪ ﷺ پهچائڻ وارو ۽ قبول ڪرڻ وارا صحابہؓ... هاڻي نبي پاڪ عليہ الصلوٰة والسلام جي ڪچهري ويٺي آهي... نبي پاڪ صلي الله عليہ وسلم هنن کي سيکاريو دين صحابہ ڪرام کي... الله تعاليٰ جل شانہ ان دين کي جيڏي مهل پورو ڪري ڇڏيو ڪامل ٿيو، مڪمل ٿيو، اڪمل ٿيو...

## صحابہ ڪرام رضي الله عنهم جو دين

فرمايائين اَلْيَوْمَ اَكْمَلْتُ لَكُمْ دِيْنَكُمْ وَ اَتْمَمْتُ عَلَيْكُمْ نِعْمَتِيْ وَ رَضِيْتُ لَكُمُ الْاِسْلَامَ دِيْنًا

اَلْيَوْمَ اَكْمَلْتُ لَكُمْ دِيْنَكُمْ اڄ اَكْمَلْتُ لَكُمْ پورو ڪري ڇڏيم توهان جي لاءِ دِيْنَكُمْ توهان جي دين کي... ائين نہ فرمايائين مان پنهنجي دين

کي پورو ڪري ڇڏيو... ائين نہ فرمايائين محمد پاڪ ﷺ مان تنهنجي دين کي پورو ڪري ڇڏيو... بلڪ جمع جو صيغو ڳالهائي استاد شاگرد سڀ مرشد ۽ مريد سڀ... امام جماعتي سڀ... اڳواڻ لشڪري سڀ... محمد پاڪ ﷺ ۽ اصحابي سڀ توهان گڏجي ڪري وينا آهيو اهو دين جيڪو الله جو، اهو دين جيڪو رسول الله ﷺ جو هاڻي پهتو آهي صحابہؓ ڪرام وٽ اهو توهان وارو دين مان پورو ڪري ڇڏيو، معنيٰ هاڻي دين ڪنهنجو صحابہؓ جو... هاڻي دين ڪنهنجو؟ (صحابہؓ جو)...

## خلفاء جي خلافت جو قرآن ۾ ذڪر

وري صحابہؓ ڪرام بہ هلن چلن انهن کي بہ حڪم آهي تہ توهان تعبيداري ڪيو خلفاء راشدين جي... ائين نہ بابا؟ خليفن جي... الله تعاليٰ اڳي ئي ڳالھ صاف ڪري ڇڏي...

**وَعَدَ اللّٰهُ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا مِنْكُمْ وَ عَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ لَيَسْتَخْلِفَنَّهُمْ فِي الْاَرْضِ كَمَا اسْتَخْلَفَ الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ ۠ وَ لَيُمَكِّنَنَّ لَهُمْ دِيْنَهُمُ الَّذِي ارْتَضٰى لَهُمْ وَ لَيُبَدِّلَنَّهُمْ مِّنْۢ بَعْدِ خَوْفِهِمْ اَمْنًا ؕ يَعْبُدُوْنَنِيْ لَا يُشْرِكُوْنَ بِيْ شَيْـًٔا ؕ وَ مَنْ كَفَرَ بَعْدَ ذٰلِكَ فَاُولٰٓئِكَ هُمُ الْفٰسِقُوْنَ ۝۵۵**

(اوهان مان جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيا، تن کي الله انجام ڏنو آهي تہ مُلڪ ۾ ضرور ڪين خليفو ڪندو، جيئن ڪانئن اڳين کي حاڪم ڪيائين، ۽ سندن اُنهيءَ دين کي جو اُنهن واسطي پسند ڪيو اٿس، اُنهن لاءِ ضرور پختو ڪندو ۽ سندن خوف ڪان پوءِ ڪين مٽائي اَمن ڏيندو (اُهي) منهنجي عبادت ڪندا رهندا (۽) مون سان ڪنهن شئي کي شريڪ نہ ڪندا ۽ جيڪي ان ڪانپوءِ ناشڪري ڪندا سي ئي بي دين آهن ~)

الله سائين جن کي خليفو بڻائيندو انهن جي ڳالھ آهي **لَيَسْتَخْلِفَنَّهُمْ فِي الْاَرْضِ** ... هڪڙو پيو چوي تہ سائين خليفو انهن کي

الله تہ ڪونہ ٻڌايو... شوريٰ ٻڌايو، ماڻهن ٻڌايو... الله تہ ڪونہ ٻڌايو... انهن کي ماڻهن ٻڌايو الله تہ ڪونہ ٻڌايو.... الله اڪبر... مون چيو! ڀلا الله ڪنهن کي ٻڌايو؟ (چيائين) الله عليؓ کي... (مون چيو) رسول الله ﷺ ؟ چيائين ان بہ عليؓ کي... مون چيو پوءِ زور ڪير ٿي ويو؟ جي تنهنجو چوڻ ائين آهي تہ الله بہ ٻڌايو عليؓ کي، رسول پاڪ ﷺ بہ ٻڌايو عليؓ کي... پين ماڻهن ٻڌايو ابوبڪرؓ کي... پوءِ الله بہ پنهنجو زور لاٿو رسول ﷺ بہ پنهنجو زور لاٿو... چئبو تہ نہ پُڳا نہ؟ چو تہ خلافت آهي حڪومت، ۽ الله جو واعدو هو اهڙي ڏيندو مانِ جو مظبوط ٿيندا... انهن جو دين مضبوط ٿيندو خوف خطرا سڀ لهي ويندا... پوءِ اهو واعدو پورو ٿيو نہ ٿيو؟ (پورو ٿيو)... جي تون ٿو چوين الله ڏنو عليؓ سائين کي اهو منصب... تہ پوءِ ان ڪان تہ ويو ڪسجي اها ڳالھ ڪيڏانهن وئي تہ مضبوط هوندو انهن جو دين... خوف خطرا لهي ويندا اها ڳالھ پوءِ ڪيڏانهن وئي؟ او چريا! ائين نہ چئو... هيئن چئو تہ هنن کي الله ڏني جيڪي خليفا ٿيا ابوبڪرؓ هجي، عمرؓ هجي، عثمانؓ هجي، عليؓ هجي انهن کي خلافت الله ڏني... باقي رزق ڪير ڏيندو آهي؟ (الله)... ڌاڌيان چئو رزق ڪير ڏيندو آهي؟ (الله)... پوءِ ملئي پگھار ڪٽي ڪنهنجي هٿان بہ پر ڏيڻ وارو ڪير آهي؟ (الله)... او دوست! جيڪڏهن چوين ٿو شوريٰ ڏني تہ پوءِ شوريٰ جي دل ۾ وڌو ڪنهن؟ مسلمانن جي دل ۾ وڌو ڪنهن... مؤمنن جي دل ۾ وڌو ڪنهن... دلن جو مالڪ آهي ڪير؟ (الله)...

## ابوبڪر رضي الله عنہ جي لاءِ خلافت لکڻ

نبي سائين فرمايو ڪٽي اچو ڪاغذ قلم تہ لکي ڏيانوَ متان **يَتَمَنیٰ متمن ويقول قائل انا ولا** متان ڪو چوي... متان ڪو سڏ ڪري... اچو تہ ڪاغذ قلم ڪٽي اچو تہ لکي ڏيانوَ( ازالۃ الخفاء ج

اول ص ٣١٧) **ادعولی اباك واخاك**. عائشہؓ سڏ ڪر پنهنجي پيءُ ڪي پنهنجي پاءُ ڪي مان لکي ڏيان متان ڪنهن ڪي تمنا ٿئي متان ڪنهن ڪي سَڏ ٿئي متان ڪو چوي **انعم اولیٰ** مان وڌيڪ حقدار آهيان... متان ڪو چوي ... هائو سائين سڏ ڪيان... ٿورو سوچي فرمايائون نهيو پلا ڇڏ، **ياْبٰ الله والمؤمنون الا ابابکر**... الله بئي ڪنهن کي اچڻ ئي ڪونہ ڏيندو مؤمن ڪنهن بئي کي قبول ئي ڪونہ ڪندا... منهنجي لکڻ جو ضرور ئي ڪونهي ڪو... (سبحان الله)... الله تعالیٰ ڄاڻائي ڇڏيو **ياْبٰ الله والمؤمنون الا ابابکر** الله بہ انڪار ٿو ڪري مؤمن بہ انڪار ڪندا، بئي ڪنهن کي اچڻ ئي ڪونہ ڏيندا... الله بئي ڪنهن کي آڻيندو ئي ڪونہ منهنجي منبر تي، منهنجي مصلي تي ابوبڪرؓ جي هوندي... الله آڻيندو ڪونہ، مؤمن سهندا ئي ڪونہ، تنهن جي ڪري لکڻ جو ضرور آهي ئي ڪونہ... **لاينبغی لقوم فيهم ابوبکر ان يؤمهم غيره** (جامع ترمذي ج ٢ ابواب المناقب- از الة الخفا ج ١ ص ٣١٨) مان پنهنجي امت کي ڏسي ٿو ڇڏيان پيو جيئن منهنجي هوندي ڪو نبي امام نہ ٿو ٿي سگهي تيئن ابوبڪرؓ جي هوندي پيو ڪو امام امتي ٿي ئي نہ ٿو سگهي... ابا نہ ڪو ورڪ ٿي نہ ڪو وقت لڳو، سائين ﷺ جن هن جهان مان روانا ٿيا پنيان حضور ﷺ جو مصلو ساري امت گڏجي ڪري ابوبڪر صديقؓ جي حوالي ڪيئن ڪيو؟... جڏهن چوين ٿو تہ بهادر بہ علي سائينؓ هيو... چوين ٿو تہ سخي بہ علي سائينؓ هيو... ابا پوءِ ماڻهو جيڪو ڏيندو وٺندو هوندو ان کي ووٽ ڏيندا آهن نہ؟... پوءِ جي سخي بہ علي سائينؓ هيو... ڪارائيندو پياريندو بہ ماڻهن کي علي سائينؓ هيو، بهادر بہ علي سائين هيو... تنهنجي چوڻ مطابق سهڻو بہ سڀني کان علي سائينؓ هيو، پيارو خوش اخلاق بہ علي سائينؓ هيو، پوءِ ابوبڪر صديقؓ کي سڀني گڏجي ڪري

خلافت ڇو ڏني؟... وري ڇوين ٿو الله به علي سائينؓ لاءِ ڇيو، نبي سائين به علي سائينؓ لاءِ ڇيو... پوءِ آخر هيڏانهن ڪهڙي شيءِ ڇڪي وئي؟...

## خلافت ابوبڪرؓ تي علي المرتضيٰؓ جو فيصلو

ڇريو نه ٿي، الله تعاليٰ ماحول ٺاهيو... محمد پاڪ ﷺ جي تربيت جو اثر هو... قرآن پاڪ جو اثر هو... دين جو اثر هو... امت ڏسي پئي ته محمد پاڪ صلي الله عليه وسلم پاڻ ابوبڪرؓ کي هر معاملي ۾ اڳتي ڪيو آهي..فيصلو علي المرتضيٰؓ ڏئي ڇڏيو آهي... ”من ذالذي يؤخرک فقد قدمک رسول الله“ ابوبڪرؓ سونهارا توکي پوئتي ڪير ڪري سگھندو جڏهن مصطفيٰ ﷺ پاڻ توکي سڀني کان اڳتي ڪيو آهي. (سبحان الله)... ڪير توکي پوئتي ڪري سگھندو، سڀ سمجھن پيا جاتي گھٽن جي جاءِ هئي مصطفيٰ ﷺ گھٽن کي ساڻ وٺي ويا جاتي هڪ جي جاءِ هئي مصطفيٰ ﷺ ابوبڪرؓ کي وٺي ويا... انهيءَ صحبت جو اثر هو سائين جن جي ساري زندگيءَ ۾ رويي جو اثر هو صحابه ڪرامؓ ڏسن پيا امت ڏسي پئي شاگرد ڏسن پيا مريد ڏسن پيا ته مصطفيٰ ﷺ پاڻ جنهن کي اڳتي ڪيو آهي اسان به ان کي اڳتي ڪندا سين... اهو ماحول الله ٺاهيو دليون الله جي قبضي ۾ آهن... الله تعاليٰ سڀني جي دلين ۾ وڌو... رسول پاڪ ﷺ جي تربيت مان انهن اهو سمجھيو ته ابوبڪرؓ هن امت جو اڳواڻ آهي...

”عَلَيْكُمْ بِسُنَّتِي وَسُنَّةِ الْخُلَفَاءِ الرَّاشِدِينَ الْمَهْدِيِّينَ فَتَمَسَّكُوا بِهَا وَعَضُّوا عَلَيْهَا بِالنَّوَاجِذِ“(مسند احمد: جلد ہفتم: حدیث نمبر314)

(مفهوم: توهان منهنجي سنت ۽ خلفاءِ راشدين مان، جيڪي هدايت وارا آهن جي سنتن کي جھلي رکو ۽ ان کي نواجذ (ڏندن) سان مظبوط پڪڙي رکو)

## نافذالعمل ۽ مضبوط دين

عرض ڪيم تہ خلافت ملي جنهن کي الله تعاليٰ انهن جي نالي اڳي ئي فرمائي ڇڏيو... جن کي خلافت ڏيندم ... جن کي الله خلافت ڏيندو... سورة نور ١٨ سيپاري مان ٿو پڙهان... " وَعَدَ اللّٰهُ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا مِنْكُمْ وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ لَيَسْتَخْلِفَنَّهُمْ فِي الْاَرْضِ كَمَا اسْتَخْلَفَ الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ ۠ وَلَيُمَكِّنَنَّ لَهُمْ دِيْنَهُمُ " جن کي الله خلافت ڏيندو نہ؟ " وَلَيُمَكِّنَنَّ لَهُمْ دِيْنَهُمُ " ۽ الله تعاليٰ ضرور ضرور مضبوط ڪندو انهن جي لاءِ انهن واري دين کي دِيْنَهُمُ انهن جي دين کي... خليفن واري دين کي ... سمجهو ٿا ڳالهہ کي؟... الله تعاليٰ اتي دين جي نسبت خلفاء راشدين ڏي ڪئي... ڪنهن ڏي ڪئي؟ (خلفاء راشدين ڏي) الله وارو دين اهو... رسول الله وارو دين اهو... صحابہ وارو دين اهو... خلفاء راشدين وارو دين اهو... " وَلَيُمَكِّنَنَّ لَهُمْ دِيْنَهُمُ " سائين پيلا اهو بيو آهي ڪن اُهو آهي جيڪو توکي پسند آهي... "الَّذِي ارْتَضٰى لَهُمْ " اهو جيڪو الله کي پسند آهي ... فريائين " وَرَضِيْتُ لَكُمُ الْاِسْلَامَ دِيْنًا ؕ " الله کي پسند دين ڪهڙو آهي؟ اسلام... "وَرَضِيْتُ لَكُمُ الْاِسْلَامَ دِيْنًا ؕ " معنيٰ الله جو دين اسلام... رسول الله وارو دين اسلام... صحابہؓ ڪرام وارو دين اسلام... جيڪو خلفاء راشدين جي دور ۾ مضبوط رهيو نافذ رهيو اهو دين اسلام... بس اها ڳالهہ سمجهي ڇڏيو جيڪو خلفاء راشدين جي دور ۾ مضبوط رهيو "وَلَيُمَكِّنَنَّ لَهُمْ دِيْنَهُمُ الَّذِي ارْتَضٰى لَهُمْ " جيڪو خلفاء راشدين جي دور ۾ مضبوط رهيو اهو دين اسلام آهي... اهو الله جو پسنديده دين آهي... سمجهو ٿا ڳالهہ کي؟ (جي سائين)... ابوبڪر صديقؓ کان وٺي علي المرتضيؓ تائين جيڪو دين مضبوط رهيو ابوبڪر صديقؓ جي دور ۾ جيڪا ٻانگ آئي عمرؓ عثمانؓ سائين جي دور ۾ جيڪا ٻانگ آئي عليؓ سائين جي دور ۾ ساڳي هئي ڪن

مٿي؟ (ساڳي هئي) مضبوط رهي نہ؟ ڪلمو ساڳيو رهيو ڪِنَ مٿيو؟ تراويحون ساڳيون رهيون ڪن مٿيون؟... پوءِ اسلام تہ اهو آهي نہ... جيڪو انهن جي دور ۾ مضبوط رهيو... جنهن ڪي مضبوطي هڪ ڏينهن لاءِ بہ حاصل نہ ٿي اهو اسلام ڪيئن؟...
جيڪو ڪلمو عليؓ سائين جي دور ۾ نبي سائينﷺ ابوبڪرؓ سائين، عمرؓ سائين، عثمانؓ سائين تہ پنهنجي جاءِ تي پر عليؓ سائين جي دور حڪومت ۾ بہ هڪڙو ڏينهن بہ جيڪو ڪلمو نہ پڙهيو ويو هجي تہ اهو اسلام ڪيئن هوندو؟... جيڪا ڪعبة الله تہ ٺهيو مسجد نبوي تہ ٺهيو پر جاتي عليؓ سائين امام هيو ڪوفي جي جامع مسجد اتي بہ جيڪا ٻانگ ڪڏهن هڪڙي بہ نماز تي نہ آئي هجي اها ٻانگ اسلام ڪيئن هوندي؟
جيڪڏهن تراويحون غلط هجن هان تہ پوءِ عليؓ سائينءَ تہ گهٽ ۾ گهٽ مٽائي نہ اڇي؟ جي متعو هجي اسلام ۾ تہ گهٽ ۾ گهٽ عليؓ سائين پنهنجي حڪومت ۾ تہ عام متعہ خانہ کولرائي نہ؟ چئبو تہ اسلام نڪاح وارو دين آهي متعي وارو نہ (بيشڪ) محمدي ڪلمو اهو آهي ٻن حصن وارو ڪلمو، اسلام جي ٻانگ اها آهي جنهن ۾ اشهد ان محمد رسول الله ڪان پوءِ حيّ علي الصلوٰة آهي.

## صحابہ ڪرام رضی اللہ عنہم سڀ ڪجھ دين تي قربان ڪيو

منهنجا عزيز دوستو بزرگو ۽ پيارو رسول الله ﷺ جي صحبت لاءِ جن ڪي الله تعاليٰ چونڊيو هيو انهن ڪي پيو ڪم ئي ڪونہ هيو... انهن سڀ ڪجھ دين تي قربان ڪر ڇڏيو (بيشڪ)... توهان جي سامهون مان قرآن ڪريم ڪي ڪوليو٢١ سيپاري جي پڇاڙي سامهون آئي... اتان بہ آيتون اوهان دوستن جي سامهون تلاوت ڪيم جنهن ۾ اها ڳالھ سمجهائي وئي تہ رسول الله صلي الله عليہ وسلم جي سنگت لاءِ حضور ﷺ جي ساٿ لاءِ جن ڪي الله تعاليٰ چونڊيو تن ڪي دنيا جي زيب و زينت ڪان مال ملڪيت ڪان، دولت ڪان ہ ٹ ڪٹايائين... انهن

سڀ ڪجهه دين تي قربان ڪيو آهي الله جي رضا تي قربان ڪيو آهي پيو تہ ٺهيو پر ٢١ سيپاري جي پڇاڙي آهي الله تعاليٰ نبي سائين ﷺ جن کي ٿو فرمائي ... " يَاَيُّهَا النَّبِيُّ " اي نبي سونهارا " قُلْ لِّاَزْوَاجِكَ " پنهنجن بيبين کي چئو " اِنْ كُنْتُنَّ تُرِدْنَ الْحَيٰوةَ الدُّنْيَا وَ زِيْنَتَهَا " زينت جو لفظ سمجهو " اِنْ كُنْتُنَّ تُرِدْنَ الْحَيٰوةَ الدُّنْيَا وَ زِيْنَتَهَا " جي دنياوي حياتي کپيوَ، زينت سينگار کپيوَ. " فَتَعَالَيْنَ اُمَتِّعْكُنَّ وَ اُسَرِّحْكُنَّ سَرَاحًا جَمِيْلًا " پوءِ اچو توهان کي ٿورو گهڻو جيڪو ڏيڻو آهي اهو ڏئي ڪري توهان مان هٿ ڪڍان پوءِ مون سان رهي نہ سگهندؤ... پنهنجي زالن کي نبي سائين سڌي ويهاري اها ڳالهہ ڪرڻ جي دنيا جو زيب زينت کپيوَ تہ مون سان رهي نہ سگهندؤ... بس مالي ولي الدنيا منهنجو ڪهڙو ڪم دنيا سان، جي دنيا جي ٺاهہ ٺوهہ کپيوَ، زيب زينت کپيوَ، سينگار سونهن کپيوَ دنيا جي، " فَتَعَالَيْنَ " پوءِ اچو " اُمَتِّعْكُنَّ " جوڙو جوڙو ڏيانوَ " وَ اُسَرِّحْكُنَّ سَرَاحًا جَمِيْلًا " سٺي نموني سان اوهان مان هٿ ڪڍان، ڇڏي ڏيانوَ... " وَاِنْ كُنْتُنَّ تُرِدْنَ اللّٰهَ وَ رَسُوْلَهٗ وَالدَّارَ الْاٰخِرَةَ فَاِنَّ اللّٰهَ اَعَدَّ لِلْمُحْسِنٰتِ مِنْكُنَّ اَجْرًا عَظِيْمًا " جيڪڏهن الله گهرجيوَ الله جو رسول ﷺ گُهرجيوَ، آخرت وارو گهر گُهرجيوَ تہ پوءِ الله تعاليٰ توهان ڀلارن جي لاءِ اجر عظيم تيار ڪري رکيو آهي. (سبحان الله)... جيڪڏهن نبي پاڪ سان رهڻو اٿوَ تہ پوءِ آخرت تي نظر رکو، جنت جو آسرو رکو، الله جي رضا جو آسرو رکو باقي دنيا واري زيب زينت تان سونهن سينگار تان مال دولت تان هٿ ڪڍو... اهو الله تعاليٰ نبي سائين ﷺ کي حڪم فرمايو تہ پنهنجي بيبن کي ائين چئو.

## ورثة الانبياءَ کي دعوت فڪر

مولوي صاحبو! توهان بہ آسرو نہ ڏيو تہ سڀئي سينگار ڪرائيندو مانءِ... جي ورثة الانبياء آهيو تہ پوءِ ناز پورا ڪري نہ سگهندؤ... صاف ڳالهہ ڪيو آخرت جي آسري تي رهين تہ رهُ ڀلاري نہ تہ ڪا بي ڳالهہ ڪر... اهو سبق آهي اوهان اسان مڙن جي

لاءِ هائو پنهنجي اهل و عيال جي خدمت ڪريو ... انهن ڪي سڪيو رکو پر دنيا جي ٺاهه ٺوهه زيب زينت جي حد ئي ڪانهي پورا نہ پوندؤ ...واليون پاراءِ تہ پنڙا ڪپندا... پنڙا آيا تہ ٽاپ ڪپندا... ٽاپ آيا تہ ايرنگ ڪپندا... ايرنگن جو هٽ ڪپندو... الائي مان تہ پراڻا نالا ٿو ڪٺا هاڻي تہ الائي ڇا ڇا ٿي ويو آهي اسان ڪي تہ نالا ئي ڪونہ ٿا اچن...

منهنجا دوستو! عرض ڪيم تہ رسول پاڪ ﷺ جي ساٿ جي لاءِ حضور ﷺ سان گڏ رهڻ جي لاءِ حضور ﷺ جي معيت جي لاءِ دنيا جي زيب زينت تان هٿ ڪڻايو، ها پوءِ جيڪو مليو اللّٰہ ڏانهن آيو نصيبن ۾ تہ ٺيڪ آهي پر اصل ڪم دين جو آهي...

منهنجا دوستو محمد پاڪ ﷺ جي صحبت جو اثر اهو هو پلا جي ابوبڪر صديقؓ زوري حڪومت تي قبضو ڪيو تہ پوءِ ڪارخانا کهڙا ٺهرايائين... باغ کهڙا هٽايائين... ڏن دولت گڏ کهڙو ڪيائين... پاڻ ڪان پوءِ حڪومت کهڙو پنهنجي پٽ ڪي ڏنائين... آهي تہ ائين نہ؟... تہ وقت جو خليفو آهي، وقت جو حاڪم آهي دنيا ڏڪي ٿي ان جي نالي ڪان... ان هوندي بہ پاڻ صبح جو بازار ۾ نڪري ٿو اچي، انگوشا پوتڙا ڪلهن تي رکي ڪري نڪري ٿو اچي تہ اچو بابا جنهن ڪي ونڻو هجي ونو... هي وڪڻي ڪري مان پنهنجو گذارو ڪندس... صحابہ ڪرامؓ گڏجي ڪري عرض ٿا ڪن ابوبڪر صديقؓ ڪي تہ سهڻا اهو ڇا ٿا ڪيو توهان... هي مسلمانن جا معاملات هي هو سڄا ڪير سپاليندو... توهان بازار ۾ جو وڪڻندا وتندؤ پوتڙا ڪپڙا تہ پوءِ هي معاملات ڪير سپاليندو، توهان ويهو بيت المال مان توهان جي پگهار مقرر ڪجي اها توهان ڪٽو ۽ اوهان مسلمانن جا مع املات سنڀاليو ۽ اوهان واپار نہ ڪيو ، پگهار مقرر ٿي، ڇا ٿيو هڪڙي ڏينهن حلوو چاڙهي ڪري گهرواريءَ اچي سامهون رکيو، چيائين هيءُ ڪٿانهن

آيو، ڇيائون جيڪو روزانو پگھار ڇا هيو گذر سفر، جيڪو گذر سفر ملندو هو ان مان ٿورو ٿورو بچائي رکيم پئي، ٻہ ٽي داٽا لپڙي لپڙي بچايم پئي، ان منجهان ايترو گڏ ٿي ويو گھٽڻ ڏينهن ۾ گڏجي ڪري جو اڄ هي ٺاهي آئي آهيان... اڇا تنهجي معنيٰ اهو ضرورت کان وڌيڪ پئي آيو، اها ديڳڙي کٽي وڃي بيت المال جي داروغي کي ڏنائين هيءَ وٺ بابا غريبن ۾ ورهائي ڇڏ... اڳتي هيترو منهنجي پگھار مان گھٽائي ڇڏ (سبحان الله) جي ملڪيت جي لاءِ دولت جي لاءِ قبضا ها تہ اهي ڪن تہ هان نہ ڪجھ...

## عظيم خليفہ ثاني جو گذر سفر

عمر فاروق رضي الله عنه جهڙو داڀي وارو جوان بہ آهي دنيا جنهن کان ڊڄي ٿي ان وقت تہ ڊڄي پئي سا ڊڄي پئي پر چوڏهن سؤ سال هن جهان مان وئي ٿي ويس اڇا عمر فاروقؓ جو نالو برداشت نہ ٿوٿئي... ڪاٿي لکيو پيو هجي تہ بي ايمان هيٺان لنگھي نہ ٿو سگھي (بيشڪ سبحان الله)... اڇا هيڏو داٻو آهي ان جوان جو، ڪير پڇيس هان؟... پر ڪهڙي دولت ٺاهيائين... دنيا ٺاهيائين پنهنجي لاءِ؟... اڳ ۾ مکيل ماني کائيندو هو، جنهن مهل خلافت تي آيو ڇيائين ادا منهنجي هاٽي مکيل ماني ختم آهي... زيتون جي تيل سان ماني مکبي هئي، ڇيائين بابا هاٽي ختم آهي... جَوَنِ جي ماني اَنَّ ڇنڊيل اٽي جي سُڪي کائبي، جي مکيل ماني سڀي رعيت کي نہ ٿي ملي سگھي تہ مان نہ کائيندم... ڏن دولت تان آسرو ڪٽايو ويو... دنيا جي زيب زينت تان هٿ ڪٽايو ويو، اهي دين جي لاءِ وقف ٿي ويا. پوءِ چو نہ دين انهن جو هجي. (بيشڪ)

## الله جي چوندءِ مصطفيٰ ﷺ جي تربيت غلط نٿي ٿي سگھي

منهنجا دوستو!بزرگو ءِ پيائرو! رسول الله صلي الله عليہ وسلم کي جيڪي رب پاڪ چونڊي ڪري ساٿي ڏنا الله جي چونڊ غلط نٿي ٿي سگھي... مصطفيٰ ﷺ جي تربيت غلط نٿي ٿي

سگھي (بيشڪ)... اهي واقعي هيرا ها، اهي واقعي هيرا ها. اهي واقعي هيرا ها... هاڻي اسان کي چونڊڻا ناهن... چونڊيل اُهي آهن اسان کي انهن جي تعبيداري ڪرڻي آهي... اسان کي هاڻي ڪسوَٽي نہ ڪپي جو ويهي ڪري ڏسؤن تہ صحابہ ڪرامؓ مان ڪير صحيح آهي ڪير غلط آهي... اسانکي تعبيداري ڪپي... الله تعاليٰ جل شانہ اوهان اسان سڀني کي مصطفيٰ ڪريم ﷺ جي صحبت سنگت جي قدر ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي ۽ صحابہ ڪرامؓ جي نبي پاڪ عليہ السلام جي سنت تي هلڻ جي توفيق عطا فرمائي... جيڪو رستو هن جهان ۾ سنت سڏبو آهي قيامت ۾ ان جو نالو جنت آهي (بيشڪ)

هيءُ دڳ جنت ڏي ٿو وڃي... الله تعاليٰ جل شانہ اوهان اسان مڙني کي شال جنت واري رستي تي، سنت واري رستي تي هلڻ جي توفيق عطا فرمائي...

**وآخر دعوانا ان الحمد لله رب العالمين.**

سوال: هنن دوستن پڇيو آهي ڇا اها ڳالھ صحيح آهي تہ تراويحون حضرت عمرؓ جي دور کان شروع ٿيون آهن؟

جواب: مان پھريان ڳالھ ڪري ڇڏي تہ جي ائين هجي ها، تہ بہ دين هو، سمجھو ٿا ڳالھ کي؟ جي ائين هجي ها، تہ بہ دين هو ڇو تہ خليفہ راشد جو ڪم بدعت نہ ٿو ٿي سگھي اهو سنت آهي پر نبي پاڪ عليہ السلام جن کان تراويحون ويهن کان گھٽ ثابت آهن ئي ڪونہ...

هاڻي ٻين کي لڳي تہ ڪو سوال آيو آهي... ڇريا دوست منهنجا محرابپوري لکن ٿا تہ سائين اهڙو جلسو محرابپور ۾ بہ اچ ي ڪجو... الله توفيق ڏيندو ... ابا ڳوٺ ڳوٺ ۾ ڪندا سين.

**تمت بالخير**